هفتيوار رسالو :335
WEEKLY BOOKLET:335

بيان
6 رجب المرجب 1444ھ
28 جنوري 2023ء

# فيضانِ غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ

صفحا 14





شيخ طريقت امير اهلسنت باني دعوت اسلامي حضرتِ علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطّار قادِري رضوي دامت برکاتہم العالیہ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفڪربيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **فيضان غريب نواز** رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# فيضان غريب نواز رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# فيضان غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه [1]

**دعاءِ اميراهل سنت:** ياالله پاڪ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”فيضان غريب نواز“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان جي ايمان جي حفاظت ڪر ۽ ان جي والدين سميت بي حساب مغفرت فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

**فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: الله پاڪ جي خاطِر پاڻ ۾ محبت رکڻ وارا جڏهن پاڻ ۾ ملن ۽ هٿ ملائن ۽ نبي (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي درود موڪلين تہ انهن جي جُدا ٿيڻ کان پهريان ٻنهي جا اڳيان پويان سمورا گُنَاهہ بخشيا ويندا آهن.
(مسندِ ابی یعلی،3/95، حديث:2951)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ظالم بادشاهہ

منقول آهي: هڪ بادشاهہ وڏو ظالم ۽ بدمزاج (***Bad-tempered***)

---

[1] خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سالانہ ڇٽي شريف (يعني عُرس مبارڪ) 6 رجب المرجب 1444ھ مطابق 28 جنوري 2023ء جي موقعي تي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ (ڪراچي) ۾ مدني مذاڪري کان پهريان امير اهل سنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو ٿيڻ وارو بيان ضروري ترميم ۽ اضافي سان تحريري صورت ۾ شعبہ هفتہ وار رسالي جي طرفان پيش ڪيو پيو وڃي.

هو، شهر جي پرسان سندس هڪ خوبصورت باغ هو، جنهن ۾ صاف ستري پاڻي جو حوض (Pool) هو. هڪ ڀيري خواجہ غريب نواز، خواجہ مُعينُ الدين چشتي اجميري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو اتان گذر ٿيو، خواجہ صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان باغ جي اندر تشريف وٺي ويا، حوض جي پاڻي مان غسل فرمائي نماز ادا ڪيائون ۽ اتي ئي ويهي تلاوتِ قرآن ۾ مشغول ٿي ويا. ايتري ۾ بادشاھ جي اچڻ جو شور بلند ٿيو. خواجہ صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان شور ڏي بلڪل بہ توجھ نہ ڏني ۽ اطمينان سان تلاوت ۾ مصروف رهيا. جڏهن ظالم بادشاھ شان ۽ شوڪت سان باغ ۾ داخل ٿيو تہ حوض جي ويجهو سادڙي لباس ۾ هڪ نيڪ صفت شخص کي ڏسي ڪاوڙ ۾ ڳاڙو لال ٿي ويو ۽ ڪاوڙ ۾ سپاهين کي چيائين، هن شخص کي ڪنهن منهنجي باغ ۾ ويهڻ جي اجازت (Permission) ڏني آهي؟ بادشاھ جي ڪاوڙ ڏسي سپاهي ڏڪي ويا، ان ڪان پهريان جو سپاهي جواب ڏين ها، خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نگاھ مبارڪ کڻي بادشاھ جي طرف ڏٺائون، بَس خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نظر پوڻ جي دير هئي جو بادشاھ ڏڪڻ لڳو ۽ ڏڪندي ڏڪندي زمين تي ڪِري پيو ۽ بيهوش ٿي ويو. هاڻي خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه غريب نوازي فرمائيندي پنهنجي جڳھ تان اٿيا، پاڻي گهرائي بادشاھ جي منهن تي ڇنڊا هنيائون، ڪجھ ئي دير ۾ بادشاھ کي هوش اچي ويو، بَس هاڻي ڇا هو، هوش ۾ ايندي ئي بادشاھ نهايت عاجزي (Humility) سان پنهنجي غلطيءَ جي معافي گهرڻ لڳو، پوءِ پنهنجي تمام خادمن سميت توبھ ڪري خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي غلامي ۾ داخل ٿي ويو. (ہند کے راجہ ،صفحہ:74۔)

خواجۂ ہند وہ دَربار ہے اَعلیٰ تیرا     کبھی محروم نہیں مانگنے والا تیرا
(ذوقِ نعت،ص27)

## ”خواجہ“ جي معنيٰ ۽ تعارف

اي عاشقانِ خواجہ غريب نواز! خواجہ جو لفظ تي سگھي ٿو اوهان ننڍپڻ کان ٻڌي رهيا هجو، اڇو! اهو بہ ٻڌون ٿا تہ خواجہ جي معنيٰ ڇا آهي؟ ”خواجہ “ فارسي زبان جو لفظ آهي، هن جي لفظي معنيٰ آهي”سردار“، ”آقا“. (فيروزاللغات ،ص633)

سندن مبارڪ نالو ”حَسن“ آهي، جڏهن تہ القابات تمام گھڻا آهن، جن ۾ هڪ ”معين الدّين“ مشهور آهي،(معين الحقِ والدّين يعني حق ۽ دين جي مدد ڪرڻ وارا)، ”عطاءِ رسول“، ”سُلطانُ الهند“، ”غريب نواز“ وغيره. سندن ولادتِ باسعادت(يعني Birth ) 14 رجب شريف 537ھ مطابق 1142ء ۾ سِجسّتان يا سِيستان جي علائقي”سِجز(ايران)“ ۾ ۽ وفات شريف (يعني Death) بہ رجب شريف جي مهيني جي 6 تاريخ 633ھ ۾ ٿي. (ڪراماتِ خواجہ،ص2)

## عاشقِ قرآن اسان جا پيارا پيارا خواجہ

اسان جا پيارا پيارا خواجہ حافظِ قرآن ۽ عاشقِ قرآن هئا، پاڻ هر ڏينهن ۽ رات ۾ هڪ هڪ پيرو قرآن ختم ڪندا هئا ۽ هر ختمِ قرآن کان بعد غيب مان آواز ايندو هو، اي مُعينُ الدّين! مون تنهنجو ختمِ قرآن قبول ڪيو. (سيرالاقطاب (اُردو) ، ص136)

## نظر وڌائڻ جو نسخو

حضور خواجہ غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: جيڪو شخص قرآنِ ڪريم کي ڏسندو آهي الله پاڪ جي فضل و ڪرم سان اُن جي

اڪين جي نظر وڏي ويندي آهي، ان جي اک ڪڏهن ناهي اٿندي نہ ئي خشڪ ٿيندي آهي. (معين الارواح، ص 214)

اي عاشقانِ خواجہ غريب نواز! اسان جا خواجہ، هند جا راجہ، بہ بہ پيرا روزانو قرآن ڪريم پڙهن ۽ اسان عاشقانِ خواجہ سڏرائڻ وارا سڄي مهيني بلڪ پوري سال ۾ هڪ پيرو بہ قرآن ڪريم ختم نہ ڪيون! اها وڏي عجيب و غريب محبت آهي! ڪاش! خواجہ غريب نواز رحمۃ اللہ علیه جي نقش قدم تي هلندي اسان کي بہ روزانو تلاوتِ قرآنِ ڪريم جي سعادت ملي وڃي. جيڪڏهن گهر ۾ قرآنِ ڪريم جي تلاوت ٿيندي رهندي تہ الله پاڪ جون رحمتون نازل ٿينديون رهنديون ۽ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! آفتون ۽ مصيبتون پري ٿينديون. تلاوتِ قرآنِ ڪريم جي بہ ڇا شان آهي، جيئن تہ

## افضل عبادت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: اَفْضَلُ عِبَادَةِ اُمَّتِيْ قِرَاءَةُ الْقُرْاٰنِ يعني منهنجي اُمّت جي افضل عبادت تلاوتِ قرآن آهي.
( شعب الايمان، 2 / 354 ، حديث : 2022)

اي عاشقانِ خواجہ غريب نواز! اوهان تلاوت قرآن جي فضيلت پڙهي، تلاوت قرآن افضل ترين عبادت آهي ۽ افسوس هن عبادت ۾ بہ اسان جي وڏي غفلت آهي. ستم مٿان ستم اهو آهي تہ اسان جي اڪثريت جي باري ۾ چيو وڃي تہ شايد غلط نہ ٿيندو جو انهن کي ڏسي ڪري صحيح قرآن پڙهڻ ناهي ايندو.

(Tenses)، (Mathematics) جو علم آهي، دنيا جون وڏيون وڏيون ڊگريون آهن ۽ سڄي دنيا پڙهيل لکيل چوندي آهي جيڪڏهن هن پڙهيل لکيل کي ڏسي ڪري به قرآن پڙهڻ نه اچي ته اهو ڪتان جو پڙهيل لکيل آهي؟ هي ڪهڙو مسلمان آهي جو هن کي ڏسي ڪري به قرآنِ ڪريم پڙهڻ نٿو اچي.

## قابلِ رشڪ ڪير؟

مان ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن قاري جي باري ۾ غور ڪندو آهيان ته مون کي اُن تي رشڪ ايندو آهي ته اِهو ڪيترو خوش نصيب آهي اُن کي الله پاڪ جو ڪلام صحيح طريقي سان پڙهڻ اچي ٿو، اربين ڪربين پتي هڪ طرف ۽ صحيح قرآنِ ڪريم پڙهڻ وارو هڪ طرف، هي منهنجي دل جو احساس آهي، مون کي قرآن پڙهڻ وارو قابلِ رشڪ لڳندو آهي، ڪجھ نه ڪجھ وقت فڪس ڪري تلاوتِ قرآن ڪندا رهو، چاهي هڪ سيپارو، اڌ سيپارو، نه ته چوٿون حصو ئي پڙهو، روز ڪجھ نه ڪجھ تلاوت ٿيندي رهندي ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ان جون برڪتون ملنديون رهنديون، الله پاڪ جي رضا جي لاءِ ڪوشش ڪرڻي آهي. اچو! خواجه غريب نواز جي بارگاهه ۾ فرياد ڪيون ٿا:

رَب کی عبادت کی دُشواری — اور گناہوں کی بیماری
دونوں آفتیں دُور ہوں خواجہ — یاخواجہ مِری جھولی بھر دو

(وسائل بخشش، ص68)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حضور غوث پاڪ ۽ خواجہ غريب نواز

اي عاشقانِ اولياءِ! حضرت خواجہ غريب نواز مُعينُ الدّين سجزي[1] رحمۃُ اللہِ علیہ نجيبُ الطّرَفَين(يعني حَسني حُسيني سيّد) هئا. ملڪُ التّحرير، حضرتِ علامہ محمد اَرشد القادري رحمۃُ اللہِ علیہ: لکن ٿا: والدِ محترم جي طرفان سندن نسب رسول الله صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جي ڏوهٽي، شهيد ڪربلا حضرت امام حُسين رضی اللہ عنہ ۽ والده محترم جي طرفان سندن سلسلو نسب جگر گوشۂ مرتضيٰ، نورِ نظرِ فاطمہ، حضرت امام حَسن مجتبيٰ رضی اللہ عنہ کان وڃي ملي ٿو. سرڪار غريب نواز رحمۃُ اللہِ علیہ جي امڙ سائڻ حضور غوث پاڪ(شيخ عبدالقادر جيلاني رحمۃُ اللہِ علیہ) جي سؤٽ آهي، ان رشتي سان حضور غوث پاڪ خواجہ غريب نواز رحمۃُ اللہِ علیہ جا ماما ٿين.

(حياتِ خواجۂ اعظم، ص 69).

يا معينَ الدّين اجميری! کرم کی بھیک دو — اَز پئے غوث ورضا خواجہ پیا خواجہ پیا
شَبَّر وشَبّیر کا صَدقہ بلائیں دُور ہوں — اے مِرے مشکلکُشا خواجہ پیا خواجہ پیا

(وسائلِ بخشش، ص536)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪرامتِ خواجہ بزبانِ امام احمد رضا

منهنجا اعليٰ حضرت، امام احمد رضا رحمۃُ اللہِ علیہ فرمائن ٿا: حضرت سُلطانُ الهند خواجہ غريب نواز رحمۃُ اللہِ علیہ جي مزار مان ڪوڙ

[1] خواجہ غريب نواز کي عوام "سنجري" چوندي آهي جيڪو صحيح ناهي.صحيح تلفظ "سِجزي" آهي.

فيوض و برڪات حاصل ٿيندا آهن، مولانا برڪات احمد صاحب مرحوم جيڪي منهنجا پير ڀاءُ ۽ منهنجي والدِ ماجد جا شاگرد هئا، انهن مون کي ٻڌايو ته مان پنهنجي اکين سان ڏٺو ته هڪ غير مسلم جنهن جي مٿي کان پيرن تائين ڦرڙيون هيون، اللّٰه ئي ڄاڻي ٿو ته ڪيتريون هيون، ٽيڪ منجهند جو ايندو هو ۽ دربار شريف جي سامهون گرم پٿرين تي ليٽندو ۽ چوندو هو: اي خواجه! اڳن لڳي آهي (يعني اي خواجه ساڙو ٿي رهيو آهي بدن ۾ باھ لڳي رهي آهي)، ٽئين ڏينهن مون ڏٺو ته بلڪل صحيح ٿي چڪو آهي. (ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت ، ص384)

برادرِ اعليٰ حضرت مولانا حَسَن رضا خان رحمۃُ اللہِ علیہ بارگاهِ خواجه غريب نواز ۾ عرض ڪن ٿا:

پھر مجھے اپنا درِ پاک دِکھادے پیارے　　آنکھیں پُرنور ہوں پھر دیکھ کے جلوہ تیرا

(ذوق نعت،ص28)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 30 سال اشڪ باري ۾ نماز جو غم

حضرت خواجه غريب نواز رحمۃُ اللہ علیہ پنهنجي سفر جو تذڪرو ڪندي فرمائن ٿا: مان هڪ ڀيرو ڪنهن شهر ۾ ويس جيڪو مُلڪِ شام جي ويجهو هو، شهر جي ٻاهر هڪ غار هئي جنهن ۾ هڪ بُزرگ شيخ اَوحد محمد اَلْواحد غريزي رحمۃُ اللہ علیہ رهندا هئا، اهي ايترا ضعيف هئا جو جسم تي هڏيون ئي هڏيون هيون، مان ملاقات جي لاءِ حاضر ٿيس ته ڏٺو ته اهي جاءِ نماز

تي وينا آهن ۽ ويجهو ئي ﮬ شينهن بينا آهن، خوف سبب مون کي ويجهو وڃڻ جي همت نہ ٿي رهي هئي، ايتري ۾ انهن جي نظر مون تي پئي تہ فرمايائون: ڊڄو نہ، اچو! مان ويجهو ويس ۽ سلام ۽ مصافحو (يعني هٿ ملائڻ) کان بعد ويهي رهيس. انهن پهرين ڳالهہ مون کان اها ڪئي تہ جيستائين توهان ڪنهن شيءِ جو اِرادو نہ ڪندا اها ﮬ توهان جو اِرادو نہ ڪندي، جڏهن توهان جي دل ۾ خُدا جو خوف هوندو تہ هر شيءِ توهان کان ڊڄندي، شينهن جي ڪهڙي مجال جو اهو توهان کي ڏيڇاري سگهي. خواجہ صاحب فرمائن ٿا: هن کان پوءِ منهنجو حال احوال معلوم ڪيائين ۽ نصيحت ڪندي فرمايائون: بُزرگن جي خدمت ڪندا رهو بُزرگ بڻجي ويندؤ. پوءِ پنهنجو حال بيان ڪندي ارشاد فرمايائون: مون کي هن غار ۾ رهندي ڪيئي سال ٿي ويا آهن، مخلوق کان ڪنارا ڪش(يعني گوشہ نشين) آهيان ۽ 30 سالن کان هڪ ئي غم مون کي رات ڏينهن رُلائي رهيو آهي، مون عرض ڪيو: حضور! ڪهڙي شيءِ جو غم؟ فرمايائون: ”نماز جو غم“ وڌيڪ فرمايائون: مان جڏهن ﮬ نماز پڙهندو آهيان تہ پنهنجي پاڻ کي ڏسي ڪري روئندو آهيان تہ ڪٿي ڪو شرط مون کان رهجي ويو تہ نماز منهنجي منهن تي هنئي ويندي ۽ سڀ ڪجهہ برباد ٿي ويندو. پوءِ نصيحت ڪندي فرمايائون: جيڪڏهن توهان نماز جو حق ادا ڪري ڇڏيو تہ واقعي تمام وڏو ڪم ڪري ورتو، نہ تہ صرف عمر ئي ضايع ڪئي،

منهنجي جسم تي جيڪي صرف هڏيون ۽ چمڙو نظر اچي رهيو آهي ان جو سبب اهو ئي غم آهي جو مون کي معلوم ناهي مون اڄ تائين نماز جو حَق ادا ڪيو آهي يا نه. نماز تمام وڏي ذميداري آهي، جيڪو هي ذميداري پوري نه ڪندو اهو قيامت ۾ شرمندگي کڻندو ۽ منهن ڏيکارڻ جي لائق نه رهندو هي واقعو بيان ڪرڻ کان بعد حضور خواجه غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ روئندڙ اکين سان نصيحت فرمائن ٿا: "**نماز دين جو ٿنڀ آهي، جيستائين ٿنڀ سلامت آهي، گهر سلامت آهي، جڏهن ٿنڀ ڪِرندو ته گهر به ڪِري پوندو.**" چوته اسلام ۽ دين جي لاءِ نماز ٿنڀ جي ماند آهي انهيءَ ڪري جيڪڏهن نماز ۾ خرابي پيدا ٿيندي ته اها اسلام ۽ دين خراب هئڻ جو سبب ٿيندي.

(دليل العارفين، ص 11، ملتقطاً ومفہوماً)

## نمازعزت جوسبب آهي

اي عاشقانِ خواجه غريب نواز! ڏٺو اوهان! بُزرگن جي نزديڪ نماز جي ڪيتري اهميت آهي. دنيا کان ڪنارا ڪش ٿي ڪري غار ۾ رهڻ ۽ ايتري عبادت ۽ رياضت جي باوجود نماز جي متعلق فرمائي رهيا آهن ته مون کي نماز جو غم آهي. اسان کي ته نماز ايندي ئي ناهي! نماز جا شرط، نماز جا فرض ڪنهن کي اچن ٿا! ان جي باوجود اسان سمجهون ٿا ته اسان وڏا نمازي ۽ نيڪ انسان آهيون. پريشان حال بي نمازي اهو چوندي ٻڌا ويندا آهن ته نه ڄاڻ اهڙي ڪهڙي خطا ٿي آهي جو پريشاني حل

ئي نٿي ٿي! نماز نہ پڙھڻ جي بُرائي نظر ئي ناهي ايندي.
حضرت خواجہ غريب نواز رحمۃُ اللہ علیہ جي اِرشادن جي مشهور ڪتاب”دليل العارفين“ ۾ آهي: ٻانهو صرف نماز سان ئي قابلِ عزت ٿي سگهي ٿو. ڀلا ٻي نمازي بہ عزت وارو ٿي سگهي ٿو! نماز مومن جي معراج آهي، تمام مقامن کان وڌيڪ نماز آهي، الله پاڪ کان ملاقات جو سيني کان ڀهريون ذريعو”نماز“ ئي آهي. مُسلم شريف جي حديث پاڪ ۾ آهي: نمازي پنهنجي ربّ ڪريم کان مُناجات ڪرڻ وارو آهي.

( مسلم ، ص220 ، حديث : 1230) (دليل العارفين ، ص3)

حضور خواجہ غريب نواز رحمۃُ اللہ علیہ وڌيڪ فرمائن ٿا: نماز هڪ امانت آهي جيڪا الله پاڪ پنهنجي ٻانهن جي حوالي ڪئي آهي، تنهنڪري ٻانهن تي لازم آهي تہ اهي هن اَمانت ۾ ڪنهن قسم جي خيانت نہ ڪن. (دليل العارفين ، ص10)

ہر عبادت سے بَرتَر عبادت نَماز
ساری دولت سے بڑھ کر ہے دولت نَماز
نارِ دوزخ سے بے شک بچائے گی یہ
رَب سے دِلوائے گی تم کو جنَّت نَماز
یاخُدا تجھ سے عطّاؔر کی ہے دُعا
مُصطفےٰ کی پڑھے پیاری اُمَّت نَماز

(وسائلِ فردوس،ص22، 23)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مڪي مديني ۾ نماز

الله پاڪ اسان سيني کي حُضور خواجہ غريب نواز جي صدقي نمازي بڻائي، ڏسو!نماز جي بغير ڪنهن کي دين ۾ ترقي نہ

ملندي جيتوڻيڪ دنيا جي ظاهري ترقي ملي وڃي پر دين ۾ ترقي نماز ئي سان ملندي آهي، نماز ڪنهن تي به معاف ناهي، اسان تي پنج ۽ اسان جي پياري آقا صَلَّى الله عَلَيهِ واٰلِه وَسلَّم تي ڇهه نمازون فرض هيون، جي ها حضور اڪرم صَلَّى الله عَلَيهِ واٰلِه وَسلَّم تي تهجد به فرض هئي. (تفسير قرطبی، پ 30، المزمل، تحت الآيہ:2، 10 /29)

پاڻ صَلَّى الله عَلَيهِ واٰلِه وَسلَّم ڪڏهن نماز نه ڇڏي. سيئي صحابہ نمازي، سيئي اولياء نمازي، ڪوبہ ولي بي نمازي نٿو ٿي سگهي، هاڻي ڪو نماز نه پڙهندو هجي يا نماز جي ٽائم تي ڪچهري ڪندو هجي يا هونئن ئي وينو هجي ۽ پهتل هجي ته ادا هي وڏو پهتل آهي ڪڏهن مڪي ۾، ڪڏهن مديني ۾ نماز پڙهندو آهي ۽ مُريدن کان پڇو ته چوندا آهن: پير صاحب مٿو جهڪائيندا آهن نماز پڙهي وڃندا آهن اسان کي نظر ناهي ايندو، اسان کي اهڙن پيرن جي گهٽين کان به ناهي گذرڻو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نماز ڇڏڻ جو عذاب

جيڪو ڄاڻي واڻي هڪ نماز ترڪ ڪندو(ڇڏيندو) آهي ته جهنم جو هڪ مخصوص دروازو آهي جنهن تي نماز ڇڏڻ واري جو نالو لکيو ويندو آهي جنهن مان داخل ٿي ڪري اهو جهنم ۾ ويندو. اعليٰ حضرت، امام اهل سُنت مولانا شاه امام احمد رضا خان رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: جيڪو ڄاڻي واڻي هڪ نماز قضا ڪري

تہ اهو هزارين سال جهنم جي عذاب جو حقدار آهي، جيستائين توبہ نہ ڪري ۽ اُن جي قضا نہ ڪري. (فتاویٰ رضویہ، 9 / 158)

نماز ڇڏڻ ڪبيره گناهہ آهي پر افسوس جو اڄ جيڪو نماز ناهي پڙهندو اهو وڏو عزت وارو بڻيل آهي، دنيا ان جو وڏو احترام ڪندي ۽ اکين تي ويهاريندي آهي، حالانڪ

روزِ محشر کہ جاں گُداز بُوَد اَوّلیں پُرسشِ نماز بُوَد

يعني قيامت جي ڏينهن جان ڳاريندڙ سخت گرمي هوندي اُن وقت سڀني کان پهريان نماز جي باري ۾ پڇيو ويندو ۽ جنهن جي نماز صحيح نہ ٿي اُن جا اڳيان وارا معاملا اڃان وڌيڪ خراب ٿيندا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پهريان نمازي پوءِ نيازي

اي عاشقانِ خواجہ غريب نواز! نماز جي بغير چارو ناهي، اوهان لڪين نياز ڪيو، هر سال ڇٽي شريف جون ڇهہ هزار، يارهين شريف جون يارهن هزار ديڳيون لاهيو، پر نماز نہ پڙهندا تہ خُلاصي ملڻ مشڪل آهي، غريبن، بيواهن جي مدد ڪيو، غريبن کي ڪاروبار تي لڳايو پر نماز نٿا پڙهو تہ بچت مُشڪل آهي. مان سالن کان چوندو پيو اچان ”مان نمازي بہ آهيان نيازي بہ آهيان“ پهريان نمازي آهيان بعد ۾ نيازي

آهيان.“[1] نماز فرض آهي ۽ نياز مستحب آهي. نياز به نه چڏيندا سين چوته هي اهل سنت جي معمولات مان آهي، اسان کي ٻنهي کي گڏ ڪري هلڻو آهي، نماز پڙهندا ته نماز جي صدقي ۾ نياز به قبول ڪئي ويندي اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!. الله پاڪ اسان سڀني کي نمازي بڻائي ۽ گناهن کان بچائي ڪري بُزرگن جي نقش قدم تي هلائي ۽ حضور خواجه غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ جي صدقي ۾ پنهنجي پسند جو ٻانهو بڻائي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نماز، روزو نه ڇڏيندس

اي عاشقانِ خواجه غريب نواز! سڀئي نيت ڪيو ته اڄ کان پوءِ منهنجي ڪا نماز قضا نه ٿيندي، رمضان شريف جو ڪو روزو قضا نه ٿيندو اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! مَعَاذَاللّٰه هاڻي تائين جيتريون نمازون قضا ٿيون آهن سڀني جو حساب لڳائي ڪري اُن کي ادا ڪيو چوته توبه ڪرڻ کان پويون نمازون معاف ناهن ٿينديون جيستائين انهن کي ادا نٿا ڪري وٺو. خدانخواسته رمضان جا روزا قضا ٿيا هجن ته جيترو جلدي ٿي سگهي اهي به رکي ڇڏيو.

[1] هونئن نيازي هڪ قبيلو به آهي ذات به آهي، هتي نيازي مان مراد بُزرگن جي نياز ڪرڻ ۽ کائڻ وارو آهي.

## گناهہ جو اظهار

الله نہ ڪري جيڪڏهن ڪنهن تي نماز يا روزا قضا آهن تہ ڪنهن کي نہ ٻڌايو ڇوتہ بلااجازتِ شرعي گناهہ جو اظهار بہ گناهہ آهي، ڪجھ نادان بيباڪي سان سيني جي سامهون اظهار ڪندا وتندا آهن تہ مون فلاڻو گناهہ ڪيو، مان پهريان چور يا ڌاڙيل هيس وغيره ايئن نہ ٻڌائڻ گهرجي، البتہ ضرورت وقت ٻين کي ترغيب ڏيڻ جي لاءِ ٻڌائڻ تہ مان تہ دنيادار ۽ نيڪين کان پري هيس الله پاڪ دعوت اسلامي وارن جو ڀلو ڪري هنن مون کي سڌي راهہ تي آندو، لهٰذا اوهان بہ دعوت اسلامي ۾ اچو وغيره، هن طرح ترغيب ڏيڻ جي لاءِ چوڻ ۾ ڪو حرج ناهي.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**هتي امير اهل سنت جو بيان ختم ٿيو هتان کان اڳتي جو مواد"ملفوظاتِ اميراهل سنت" مان ورتو ويو آهي.**

## خواجہ صاحب جي عُرس ۾ شرڪت ڪرڻ جون نيتون

❀ پهريان تہ هي نيّت ڪيو تہ حضور خواجہ غريب نواز(سيّد مُعين الدين حَسَن سجزي اجميري) رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه جي بارگاهہ ۾ ۽ ٻيا جيترا سندن قدمن ۾ آرامي آهن انهن سيني عاشقانِ خواجہ کي الياس قادري جو سلام عرض ڪندس.❀ وڌيڪ هي نيتون ڪري وڃو تہ اولياءِ ڪرام جي صحبت اختيار ڪندس، ڇوتہ

يک زمانہ صحبتِ بااَوليا بہتر اَز صَد سالہ طاعتِ بے رِیا

يعني اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جي لمحي ڀر جي صحبت 100 سال جي خالص عبادت کان وڌيڪ آهي. ❀ هي بہ نيت ڪيو تہ اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جون برڪتون حاصل ڪندس. ❀ اُتي دعا گهرندس ڇو تہ الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي ويجهو ٿي ڪري دعا ڪرڻ قبوليت جي بہ ويجهو هوندو آهي. ❀ اُتي ايصال ثواب ڪندس❀ مسلمانن سان ملندس ❀ جيڪڏهن اُتي حاضري جو ڪو طريقو غلط ڏسندس تہ فتني جو خوف نہ هجڻ جي صورت ۾ سمجهائيندس. اُتي دعوت اسلامي وارا بہ ڪوڙ هوندا آهن ۽ مدني قافلا بہ هوندا آهن تہ.❀ اها بہ نيت ڪري وٺو تہ مدني قافلي وارن سان پنهنجو وقت گذاريندس. (ملفوظاتِ اميراہل سنّت،192/5)

## غريب نواز جي معنيٰ ڇا آهي؟

سوال: غريب نواز جي ڇا معنيٰ آهي؟

جواب: ”غريب نواز“ جي معنيٰ آهي: غريبن کي نوازڻ وارو، غريبن تي سخاوتن جا دروازا کولڻ وارو ۽ انهن جون جهوليون ڀرڻ وارو. اَلحَمْدُلله! اسان جا خواجہ خواجگان غريبن کي نوازڻ وارا ۽ سخاوتن سان مالامال ڪرڻ وارا آهن.

(ملفوظاتِ اميراہل سنّت،229/5)

## خواجہ غريب نواز جو وصال

سوال: خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪيتري عمر ۾ وصال فرمايو هو؟

جواب: حضور خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو وصال باڪمال تقريباً 96 سال جي عمر ۾ ٿيو هو. ( اللہ کے خاص بندے عبدہ ، ص 507)

## خواجہ غريب نواز جو پنهنجي مرشد جي مزار جو اَدب

دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي رسالي” فيضانِ خواجہ غريب نواز“ جي صفحي نمبر 16 تي هي واقعو آهي تہ هڪ ڀيري خواجہ غريب نواز رحمۃُ اللہ علیہ پنهنجي مريدن کي ملفوظات کان نوازي رهيا هئا. دورانِ گفتگو هڪ طرف منهن ڪري پاڻ هرهر اٿي بيهي رهن پيا ڇو جو بُزرگن جي ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي هڪ ڪيفيت هوندي آهي. مُريدن مان ڪنهن بہ ئي کي همت نہ ٿي جو هن جو سبب معلوم ڪري سگهي، پر هڪ منظورِ نظر مريد پڇيو تہ حضور هرهر بيهڻ جو سبب بيان فرمايو تہ جيئن اسان جي تَعجُّب جي ڪيفيت دور ٿي وڃي. خواجہ صاحب فرمايو تہ منهنجي پيرو مرشد شيخ عثمان هروَني رحمۃُ اللہِ علَيہ جي مزار مبارڪ هن طرف آهي. سو دورانِ گفتگو جڏهن مون کي ياد اچي ويندي هئي تہ مان هن طرف منهن ڪري ڇڏيندو هيس ۽ اَدب ۽ تعظيم جي ڪري بيهي رهندو هيس. ( فوائد السالكين مع ہشت بہشت ، ص 138)

خواجہ صاحب رحمۃُ اللہِ علیہ جي پير صاحب جو نالو حضرتِ شيخ عثمان هَروَني رحمۃُ اللہِ عَلَيہ آهي، ڪجھ ماڻهو ان کي هُروَني يا هَاروَني پڙهندا آهن پر اصل ۾ هَروَني آهي. سندن مزار مُبارڪ مڪي شريف جي مقدس قبرستان جَنَّتُ المَعْلٰي ۾ آهي.

خواجہ صاحب ايترا پري هجڻ جي باوجود بہ پنهنجي پير صاحب جي مزار جو احترام ڪندا هئا. بهرحال هي اَدب ۽


احترام جا اهڙا واقعا آهن جيڪو هر هڪ نئو ڪري سگهي ۽ جن ڪيو انهن تي ڪو اعتراض بہ نٿو ٿئي سگهي ڇوتہ اهڙو اَدب ۽ احترام جيڪو شريعت جي ڪنهن اصول جي خلاف نہ هجي، شريعت جي ڪنهن ممانعت جي تحت داخل نہ ٿيندو هجي، جائز آهي.

شريعت انهن کان منع ناهي ڪيو ۽ ماڻهو عقيدت ۽ محبت جي اظهار جي لاءِ شريعت جي دائري ۾ رهي ڪري پنهنجي پنهنجي انداز ۾ جيڪو ڪجهہ ڪندا آهن تہ انهن کي غلط چوڻ وارا پاڻ غلطيءَ تي آهن. هنن ڳالهين جو ثبوت گهرڻ کان پهريان سوچڻ گهرجي تہ ڪيئي ڳالهيون اهڙيون آهن جن جي قرآن و حديث ۾ صراحت نٿي ملي پر سيئي انهن کي ڪري رهيا هوندا آهن. (ملفوظاتِ امیراہل سنّت،191/2)

| | | | |
|---|---|---|---|
| خواجۂ خواجگاں | غریب نواز، غریب نواز | قبلۂ عارفاں! | غریب نواز، غریب نواز |
| سیدِ زاہداں! | غریب نواز، غریب نواز | زینتِ عارِفاں! | غریب نواز، غریب نواز |
| مُرشدِ ناقصاں! | غریب نواز، غریب نواز | رہبرِ کاملاں! | غریب نواز، غریب نواز |
| ہادیٔ گُمرہاں! | غریب نواز، غریب نواز | مُصلحِ عاصیاں! | غریب نواز، غریب نواز |
| حامیٔ بے کَساں! | غریب نواز، غریب نواز | ہیں کس بے کساں! | غریب نواز، غریب نواز |
| اے شَہِ صالحاں! | غریب نواز، غریب نواز | ہم پہ ہوں مہرباں! | غریب نواز، غریب نواز |

(وسائلِ فردوس، ص62)

## ايندڙ هفتي جو رسالو





978-969-722-590-3
01082460



فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net